# حضرت مخدوم محمد زمان رابع صدّيقي قريشي هالائي رحمۃ اللہ علیہ

**(1233-1269هہ/1818-1852ع)**

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمۃ اللہ علیہ، حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رح جا ٻارهون نمبر سجّاده نشين ٿي گذريا آهن. سندن والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد امين ثاني بن حضرت مخدوم ميان پنيلڏو بن حضرت مخدوم ميان عثمان عُرف منن، هن فقيراڻي گاديءَ جا يارهون نمبر سجّاده نشين هئا.

حضرت مخدوم محمد زمان رابع، نيڪ سيرت، نيڪ طبع، سٺين سهڻين عادات واطوار جا صاحب ۽ عبادت گذار هئا. ڳوٺ وارن سان پلائي ڪرڻ، پاڙيسرين ۽ جماعت وارن جي مدد ڪرڻ ۽ غريبن نادارن جي پرگهور لهڻ کي پنهنجو فرض سمجهندا هئا. پنهنجي مختصر حياتي، الله پاڪ ج جي احڪام تي عمل ڪندي ۽ حقوق العباد جي ادائگي ۾ گذاري ڇڏيائون. سندن هٿان ڪنهن کي بہ ڪو ايذاءُ يا رنج نہ پهتو. عُفو ۽ در گذر جو اعليٰ مثال، بيحد شفيق ۽ سخي مرد هئا. سندن شخصيت جو اجمالي خاڪو هنن بيتن مان اخذ ڪري سگهجي ٿو:

سا سٽَ سارِيائون، الف جنهن جي اڳ ۾
"لامَقصُودَ فِی الدارينِ"، ان پَر اُٿائون
سَگِرَ سوٽائون، تِيا رسيلا رحمان سينَ.
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح [205]

---

[205] شاهہ جو رسالو، مرتب ڪليان آڏواڻي.

Gul Hayat Institute

مونا طورسينا سدا سَنياسِين
طالب المولىٰ مذڪر اي ڪلام ڪيائون ڪن
سکن ڪي سين پرئين ٻجهي ڏنائون ٻن
الف آديسن چوندي رکيو چت ۾
شاه عبداللطيف ڀٽائي رح [206]

## ولادت:

پاڻ سندن محترم ڏاڏي حضرت مخدوم پير ميان پنيلڏي رحمة الله عليه جن جي حياتيءَ ۾ 5 رجب المرجب 1233هه [207] مطابق 11 مئي 1818ع تي پنهنجي آبائي ڳوٺ هالا شريف ۾ تولد ٿيا. انوقت سندن والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد امين "ثاني" جي عمر 28 سال هئي ۽ سندن ٻه چاچا، حضرت پير ميان پريل رحمة الله عليه (1814_1854) ۽ حضرت پير ميان مٺن رحمة الله عليه (1816_1826) پڻ حيات هئا. حضرت مخدوم محمّد زمان رابع رحمة الله عليه جي والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد امين ثانيءَ تي شاديون ڪيون هيون. پاڻ ٻئي حرم مان تولّد ٿيا ۽ سيني ڀائرن ۾ ننڍا هئا. سندن ٻانگ جو نالو "محمد علي" هئو جيڪو سندن ناني حضرت پير ميان محمد علي صدّيقي قريشي رح [208] جي نسبت جي ڪري مٿن رکيو ويو هئو.

---

[206] مضامينِ طالب المولىٰ، ص: 65.

[207] ڪچڪول، ص: 4/رفيق حيات، شاعر، ص:159/ پيغام نوح قلمي، ص: 130.

[208] **پير ميان محمد علي صدّيقي قريشي (وصال: 1817ع):**
پير ميان محمد علي بن پير ميان محمد ڪريم جو سلسلئہ نسب حضرت مخدوم ميان فتح محمّد عرف ڦَتن بن حضرت مخدوم محمد امين اوّل کان ٿيندو حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه تائين پهچي ٿو. پير صاحب، حضرت مخدوم محمد امين ثاني جو سهرو ۽ حضرت مخدوم محمد زمان رابع جو نانو هئو. سندس ولادت هالا ۾ ٿي ۽ اندازاً 1817ع تائين بقيدِ حيات هئو. پير ميان محمد علي کي فقط هڪڙي نياڻي بيبي (والده صاحبہ حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه) تولد ٿي. سندس وڏي ڀاءُ پير ميان نظر عليءَ لا ولد وفات ڪئي. هي پير صاحبان ۽ سندن بزرگ هالا ۾ رهندا هئا. پير ميان محمد علي جي ترَ ڏاڏي پير ميان ستابي رحمة الله عليه جي وڏي ڀاءُ پير ميان غلام علي کي ٻه فرزند ٿيا جن جو اولاد، پوٽويا پڙپوٽا 1870ع ڌاري يا ان کان ٿورو اڳ هجرت ڪري رحيم يارخان پنجاب ۾ وڃي رهيا ۽ اجا تائين اتي سڪونت پذير آهن. پير ميان

## سلسلهٔ نسب:

سندن سلسلهٔ نسب يارهين پيڙهيءَ ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحمه الله سان ملي ٿو جيڪو هن طرح آهي:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع بن حضرت مخدوم محمد امين ثاني بن حضرت مخدوم ميان پنيلڊو بن حضرت مخدوم ميان عثمان عرف متن بن حضرت مخدوم محمد زمان ثاني بن حضرت مخدوم مير محمد اوّل بن حضرت مخدوم ميان محمّد عرف متن ڪلان بن حضرت مخدوم مير محمد بن حضرت مخدوم ابو محمد ابو الخير بن حضرت مخدوم محمد امين اوّل بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمه الله.

## شادي ۽ اولاد:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمه الله جن هڪري شادي ڪئي، ڪين چار نياڻيون ۽ ٽي فرزند تولد ٿيا. سندن سُهرو حضرت پير ميان وريل رحمه الله[209]

---

محمد علي جو پنجون ڏاڏو. حضرت مخدوم عبدالمالڪ رح وڏو الله وارو ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. سندس ڪرامتن جا ڪئين واقعا مشهور آهن. هن وقت پير حاجي ميان مصري سندس سجّاده نشين آهي. پير ميان محمد علي بن پير ميان محمد ڪريم جو انتقال اندازاً 1817ع ڌاري هالا ۾ ٿيو. ڪيس درگاهہ شريف جي حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنڊيءَ ۾ سندس وڏن جي پرسان دفنايو ويو. پير حاجي ميان مصري سجّاده نشين درگاهہ حضرت پير عبدالملڪ رح جي انتقال بعد سندس فرزند پير انتخار حسين. درگاهہ جو سجّاده نشين آهي. جنهن جي دستاربنديءَ جي رسم، حضرت قبلہ مخدوم محمّد امين فهيم سائين جنجي حڪم تي راقم الحروف (جميل الزمان) درگاهہ عبدالملڪ. تي ادا ڪئي.

[209] پير ميان وريل صدَيقي قريشي رحمه الله:
پير صاحب 19 صدي جي بزرگن مان هئو. سندس ولادت هالا ۾ ٿي. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمه الله جن جيٰ فرزند حضرت مخدوم جلال محمد عرف جُنگ جلال رحمه الله جن جو صاحبِ دستار هئو. سندس سلسلهٔ نسب هن ريت آهي: حضرت پير ميان وريل بن پير ميان جمن بن پير ميان قائم الدين بن پير ميان موريل بن پير ميان محمد صفيٰ بن پير ميان عبدالواسع بن پير ميان شاهن سَچو بن پير ميان ابو الفتح بن حضرت مخدوم جلال محمد بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمه الله. پير وريل کان پوءِ سندس فرزند پير قائم الدين عرف ميان ڪامل سجّاده نشين ٿيو. هن وقت (2001ع ۾) پير ميان جمن ثاني رحمه الله جو وڏو فرزند پير ميان الهجڙيو عرف ميان جڙيل (ولادت: 10

Gul Hayat Institute

سندن فرزندن جا اسمائي گرامي هي آهن:
حضرت مخدوم محمد امين ثالث پڪن ڏڏي سائين رحمة الله عليه
حضرت پير ميان شاهه محمد عرف شاهنواز سائين رحمة الله عليه
حضرت پير ميان غلام نبي عرف پنيلڏو سائين رحمة الله عليه

## سجّاده نشيني:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رح پنهنجي والد حضرت مخدوم محمد امين ثاني رح جي انتقال (16 رمضان 1252هه [211] مطابق 24 ڊسمبر 1836ع) بعد رمضان 1252هه/ڊسمبر 1836ع ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي ٻارهين پاڳاري جي حيثيت سان مسند خلافت تي ويٺا. حضرت مخدوم محمّد زمان رابع رحمة الله عليه جن جا وڏا ڀائر پنهنجي والد جي حياتيءَ ۾ ئي گذاري ويا هئا. تنهن جيڪري دستار، مٿن آئي. تحفته الاولياءَ ۾ سندن عبادت، عادات ۽ روزمره بابت لکيو ويو آهي ته:

"پاڻ هر وقت الله پاڪ ج جي ثنا ۾ مشغول رهندا هئا ۽ روزانو بلاناغه قرآن شريف جي تلاوت ڪندا هئا، سادگي پسند فرمائيندا هئا، هميشه صبر ۽ سڪون ۽ خاموشيءَ ۾ رهندا هئا، ضروري ڳالهه جو جواب ڏيندا هئا ۽ غير ضروري گفتگو کان احتياط ڪندا هئا". [212]

حضرت مخدوم محمّد زمان رح جن جي دور ۾ انگريزن، جنرل چارلس نيپئر (1782_1851ع) [213] جي سپهه سالاريءَ هيٺ 1843ع ۾ سنڌ جي حڪمرانن کي اندروني سازشن ۾ وڪوڙي کين شڪست ڏيئي سنڌ تي

---

انتقال ٿيو کيس بکر ۾ سندس خانداني قبرستان "صفحه صفا" ۾ دفن ڪيو ويو (تاريخ سنڌ ص: 234/233، جلد 2) حضرت مخدوم جنگ جلال رحمة الله عليه جي ولادت ۽ وصال جون تاريخون ملي نه سگهيون آهن، مٿين تاريخن مان ثابت ٿئي ٿو ته پاڻ 1642ع تائين حيات هئا. انتقال بعد کين پنهنجي والد ۽ مرشد حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي درگاهه ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو هئو جڏهن درياهه جي پاڻي ڪري سڀ مزارون لڏائي موجوده هنڌ تي درگاهه قائم ڪئي وئي ته کين حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنڊيءَ ۾ دفنايو ويو جتي سندن مزار موجود آهي.

[211] گنجينه اوليا، ص: 195/ تحفته الاوليا، ص: 67.

[212] تحفته الاولياءَ، قلمي.

[213] New Colmbia Encyclopedia, P:1877.

Gul Hayat Institute

قبضو ڪيو. جيتوڻيڪ اهو دور سياسي لاهن، چاڙهن وفادارن ۽ بيوفائن جي ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ منفرد مقام رکي ٿو مگر حضرت مخدوم محمد زمان رابعؒ هميشه حڪومت جي ايوانن کان پري رهيا. الله جي مدد سان زندگي گذاريائون ۽ آخري وقت تائين عام ماڻهن جي پرخلوص ديني ۽ دنوي خدمت ڪيائون.

## وصال:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع ﷫ جن جو انتقال 34 سالن جي عمر ۾ 19 صفر 1269هه [214] مطابق 1 ڊسمبر 1852ع تي ٿيو. سندن مزار درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جي وڏي قبي ۾ چوڪنڊيءَ کان ٻاهر الهندي پاسي کان آهي.

ڪـــاپڙين ڪنواٽَ وڏيءَ ويـــل پـــلاڻيا.

حضرت مخدوم نوح ﷫

سڙهه تي سِبيائون، بندر جَن ترڻ تي
سڙهه سبي ساڄا ڪري، ڪوهُـــا ڪنيـــائون.
بيرقون بحـــرن ۾، چـــوڙي چـــڏيـــائون.
لهرون لنگهيـــائـــون، لطف ساڻ لطيف چئي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحـ[215]

Gul Hayat Institute